





# ڪارڪردگي

## سنڌي انفرميٽڪس شعبو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ

22-9240050-53 Fax: 22-9240051
Email: contact@sindhila.edu.pk

# سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽرائي ترقي ۽ سنڌي انفرميٽڪس شعبي جون حاصلاتون

انيس ڪاڪا

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

چيئرمئن: پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو
سيڪريٽري: پروفيسر ڊاڪٽر احسان دانش
انچارج: انيس ڪاڪا
(ڪمپيوٽر پروگرامر، سنڌي انفرميٽڪس شعبو)
لي آئوٽ: ڪامران واحد
ڪمپوزنگ: راز لغاري
تعداد: 500
سال: سيپٽمبر ، 2023

Chairman: Prof. Dr Ishaq Samejo
Secretary: Prof. Dr Ahsan Danish
Incharge: Anees Kaka
(Computer Programmer, Sindhi Informatics Section)
Layout: Mr. Kamran Wahid
Composing: Mr. Raaz Laghari
Quantity: 500
Edition: Sept, 2023

22-9240050-53 Fax: 22-9240051
Email: contact@sindhila.edu.pk

# سنڌي انفرميٽڪس شعبو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ’مصنوعي ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو‘ عنوان سان ڪوٺايل ڪانفرنس جي موقعي تي هيءُ ڪتابڙو پش ڪندي مون کي بيحد خوشي ان ڪري ٿي رهي آهي جو هيءُ ڪتابڙو نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪارڪردگيءَ جو نمونو آهي پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽرائي ترقي ۽ ڊجيٽل دور ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ٿيل اڳڀراين جو هڪ ثبوت بہ آهي، تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، پنهنجي مسلسل محنت ۽ وابستگيءَ سان بنيادي سنڌي ڪي بورڊ ۽ ڪوڊ پليٽ جي تياريءَ کان وٺي ’سئيفٽ ۽ جي بورڊ‘ تائين، ڪتابن ۽ لغتن جي ايپليڪيشنن ۽ لکين ڪتابن تي ٻڌل آن لائين لائبريرين، پورٽلس ۽ ڪلائونڊن سميت ويبسائيٽن ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي ان مقام تي پهچايو آهي، جنهن مقام تي ترقي يافتہ ٻوليون پهچي چڪيون آهن.

اڄ اسين برملا اهو چئي سگهون ٿا تہ سنڌي ٻولي، هن ڊجيٽل ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾، انٽرنيٽ جي سمورن پروگرامن ۽ سلسلن ۾ نہ رڳو قابل قبول آهي، پر روزاني زندگيءَ ۾ عام ماڻهوءَ کان وٺي عالمن اديبن تائين سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪئي پئي وڃي، ۽ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو پڻ وڏو هٿ آهي.

هن ڪتابڙي ۾ اوهان کي اٿارٽيءَ جي ڪتابن ۽ لغتن جون ايپليڪيشنون، آن لائين لغتن جا پورٽل، سنڌي اکر شناس (او سي آر)، آن لائين لائبرري، سئيفٽ ڪي بورڊ ۽ جي ڪي بورڊ ۾ سنڌي شامل ڪرائڻ، سنڌيءَ جي هڪ لپيءَ کان ٻيءَ لپيءَ ۾ الٽو يعني ٽرانسليٽريشن ڪرڻ، ديوناگريءَ ذريعي سنڌيءَ جي سکيا، سنڌي لئنگئيج لائبرري ۽ ٻين پروگرامن، سافٽويئرن توڙي ايپليڪيشنن جا بار ڪوڊ ملندا، جن ذريعي اوهان سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽل دور ۾ اڳڀرائيءَ جا اکين ڏٺا شاهد ٿي سگهو ٿا.

هن ڪانفرنس جي موقعي تي هيءُ ڪتابڙو پيش ڪندي، مون کي خوشيءَ سان گڏ ان ڳالهہ تي فخر بہ ٿي رهيو آهي تہ سنڌي ٻولي هاڻي ڊجيٽل دور جي ٻولين جي سٽ ۾ پنهنجو هڪ مقام رکي ٿي ۽ ٻين ترقي يافتہ ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺي آهي. اسان جو اڳيون هدف ’منصوعي ذهانت ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو استعمال‘ آهي. اميد آهي تہ اسان ايندڙ سال ان قابل ٿي ويندا سين تہ چيٽ جي پي ٽي سميت مصنوعي ذهانت جي ٻين پروگرامن ۾ سنڌيءَ جو استعمال بہ ائين ئي ٿئي جيئن ٻين ٻولين جو ٿي رهيو آهي.


ڊاڪٽر اسحاق سميجو
چيئرمئن

# متن جو سٽاءُ


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| اداري جي آفيشل ويب سائيٽ | 05 |
| سنڌي لئنگئيج لائبرري | 06 |
| انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا | 07 |
| سنڌي اکر شناس (او سي آر) | 09 |
| آن لائين سنڌي سکيا | 10 |
| آن لائين سنڌي لغتون | 11 |
| سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل | 12 |
| سنڌي ويب ڪيبورڊ | 13 |
| آن لائين لائبرري | 14 |
| ٻارن لاءِ ويب پورٽل | 15 |
| سنڌي ٽرانسليٽريشن | 16 |
| اسڪولي لسانيات جي ائنڊرائيڊ ايپليڪيشن | 17 |
| سنڌي لغات ائنڊرائيڊ ايپليڪيشن | 18 |
| سُئيفٽ ڪِي ڪيبورڊ | 20 |
| سنڌي جي سکيا – ديوناگري | 21 |
| سنڌي لغتون ايڪسٽينشن | 22 |
| اداري جو يوٽيوب چئنل | 23 |
| اداري جو فيس بڪ پيج | 24 |
| اداري جو ٽوئيٽر اڪائونٽ | 25 |
| سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم | 26 |

# اداري جي آفيشل ويبسائيٽ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي آفيشل ويب سائيٽ، جيڪا ’ريٽينا فرينڊلي‘ ۽ ’ريسپانسِو‘ ٺهيل آهي، سا ڊيڪسٽاپ کان وٺندي موبائل ڊوائيسن تي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿِي. اداري جي هِن آفيشل ويب سائيٽ ۾ اداري جي انتظامي ڍانچي بابت ڄاڻ کان سواءِ سنڌي الف ب جو تصويري چارٽ، اداري ۾ ٿيندڙ سرگرميون، تقريبون، ڪارڪردگي رپورٽون، اداري پاران ڇپيل ڪتابن جي فهرست، سافٽويئر، سي. ڊيون ۽ مختلف وقتن تي ماڻهن کان گهربل ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ فارم رکيا ويندا آهن. ان کان سواءِ، اداري پاران مختلف وقتن تي جاري ڪيل ٽينڊر ۽ اشتهار پڻ رکيا ويندا آهن.



# سنڌي لئنگئيج لائبرري

اداري پاران، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، ڦهلاءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ عالمن ۽ محققن جي علمي مدد لاءِ ’سنڌي ٻولي لائبرري‘ فيبروري 2023ع ۾ عام ڪئي وئي. سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ۽ ٿيندڙ تحقيق تي ٻڌل هيءُ آن لائين پورٽل لکت، آواز ۽ وڊيو تي ٻڌل مواد تي ڄُڙيل آهي، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل هر قسم جي علمي مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ آهي. هن پورٽل جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ دنيا جي جديد لاڙي يعني ويب تي هڪ علمي ۽ تحقيقي پليٽ فارم جوڙيو وڃي، جنهن سان سنڌ، پاڪستان توڙي سموريءَ دنيا ۾ رهندڙ اديبن، تعليمي ماهرن ۽ محققن جي سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل مواد ۽ علمي دستاويزن تائين پهچ کي آسان بڻائي سگهجي. ويب تي موجود سنڌي ٻوليءَ جا اهم ذريعا، ٻوليءَ تي ڪيل ڪمن جي فهرست، پراڻا دستاويز ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن، تحقيقي جرنلن ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇپيل مواد کي مختلف پاڳن ۾ ورهائي، ڊجيٽلائيز ڪجي تہ جيئن ماڻهو لسانيات، ٻوليءَ جي تاريخ، بڻ بڻياد، وياڪرڻ، صوتيات، سماجي لسانيات، لغتن ۽ سنڌو لکت بابت مواد مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن.



# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا

سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جي هيءَ پهرين رٽا عالمي انسائيڪلوپيڊيائن جي سٽ ۾ هڪ جوڳو واڌارو ۽ انٽرنيٽ جي دنيا ۾، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن لاءِ پهريون ۽ نادر موقعو آهي، جيڪو ٻين آن لائين انسائيڪلوپيڊيائن وانگر پنهنجن پڙهندڙن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين کي، ڪنهن بہ موضوع بابت وڌ کان وڌ ڄاڻ پهچائي ٿو.

اداري جي هِن ويب سائٽ تي هيستائين 18 هزار 900 مضمون، 8 هزار 8 سؤ ٻاويھ تصويرون اهڙيءَ ترتيب ۾ رکيون ويون آهن تہ جيئن ڳولا ۽ پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. هِن ويب سائيٽ ۾ مضمونن کي الف-بي وار، موضوع وار ۽ تاريخ وار ترتيب ڏني وئي آهي، جنهن سان گهُربل مضمون کي بيحد آسانيءَ سان ڪولي ۽ پڙهي سگهجي ٿو.

’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ڊاٽ آرگ‘ (ويبسائٽ) ۽ پرنٽ ٿيل نسخا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊجيٽل اشاعت توڙي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ سڀ کان اڳرا منصوبا ليکيا وڃن ٿا.




# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا

تصوير ۾ ڏيکاريل آهي ته انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا کي گذريل 12 مهينن ۾ 16 هزار نَوَن ماڻهن مختلف ملڪن مان ڏِٺو

هيءَ ويب سائيٽ دنيا ۾ هر هنڌ رهندڙ سنڌين جي هر عمر جي فردن يا گروهن جون معلوماتي ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿي.


هِن ويب سائيٽ تي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا 12 جلد آن لائين داخل ڪيا ويا آهن، ان کان سواءِ پهرئين جلد ۾ واڌارا سڌارا ڪري، پيهر آن لائن ڪيو ويو آهي، ٻين جلدن تي ڪم هلندڙ آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ويب سائيٽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تمام گهڻي استعمال ٿي رهي آهي.



# سنڌي اکر شناس (او سي آر)

سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر تي لکڻ ۽ پڙهڻ ڪان پوءِ، ڪمپيوٽيشنل پروگرامنگ جي مشيني اک، سنڌي ٻوليءَ ڪي تصوير ۾ پڙهي، ۽ ان ۾ لکيل لفظن ڪي ڪٽي ٽيڪسٽ يعني تحريري صورت ۾ آڻي، ان تحرير ۾ ترميم پڻ ڪري سگهي ٿي، جنهن ڪي ٽيڪنيڪل ٻوليءَ ۾ او سي آر (Optical Character Recognition) سڏجي ٿو. آن لائين سنڌي او سي آر اسڪين ٿيل دستاويزن ۽ تصويرن ۾ متن ڪي سڃاڻڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

سنڌي اکر شناس ڄي هيءَ پهرين ۽ واحد آن لائين ويب سائيٽ آهي، جنهن تان آسانيءَ سان اسڪين ٿيل مواد ڪي جديد يونيڪوڊ جي بنياد تي تحرير ۾ تبديل ڪري، ٻيهر ڪم آڻي سگهجي ٿو.



# آن لائين سنڌي سکيا

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران تاهيل ’آن لائين سنڌي سکيا‘ جو مڪمل ڪورس ايپليڪيشن جي شڪل ۾ ڊيڪسٽاپ کان ويندي ننڍين ڊوائيسن تي آسانيءَ سان کولي سگهجي ٿو. هن پورٽل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سمجهاڻيءَ لاءِ آواز ۽ اينيميشن ٻہ شامل ڪيا ويا آهن. بنيادي الف ب کان ويندي، ادب ۽ شاعريءَ تائين، سلسليوار آڊيو سمجهاڻين سان گڏ موجود آهي. هي ڪورس رومن سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن جو ميڊيم انگريزي آهي. هيءَ ’ويب بيسڊ تربيتي سکيا پروگرام‘ آهي جنهن ۾ سنڌيءَ کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ تمام سٺو مواد موجود آهي.

هِن ويب سائيٽ ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بيحد آسان ڪئي وئي آهي، جنهن جو فائدو دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهو وٺي رهيا آهن.



# آنلائين سنڌي لغتون

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران جوڙيل ’آن لائين سنڌي لغتون‘ پورٽل تي اوهان سنڌيءَ مان انگريزي يا انگريزيءَ مان سنڌي لفظن جا متبادل لفظ، پهاڪا، چوڻيون، مهارتي اصطلاح ۽ خاص لفظ ڳولي، گهربل مفهوم پڙهي سگهو ٿا. سنڌي ٻوليءَ جو هي پهريون پورٽل آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ سوا ڇهه لک لفظن کان مٿي جي ڄاڻ موجود آهي. هي سڄو لفظي ۽ اصطلاحي خزانو اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي شايع ڪيل ڌار ڌار لغتن جو مجموعو آهي.

هن آن لائن ويب سائيٽ تي، سنڌيءَ يا انگريزيءَ ۾ ڪنهن به لفظ جي ڳولا ڪري سگهجي ٿي.



# سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو تحقيقي جرنل ’سنڌي ٻولي‘ هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن کان مڃتا حاصل ڪري چڪو آهي. هي جرنل پهريون ڀيرو 1994ع ۾ شايع ٿيو. ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل جي تحريري بنيادن تي جوڙيل ويب سائيٽ ٻن ٻولين انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ موجود آهي.

هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي پاليسيءَ مطابق هن جرنل جي ڊار ويب سائيٽ ست سال اڳ متعارف ڪئي وئي، جنهن جو مَتن گوگل سميت ٻين سرچ انجڻن ۾ بہ آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو. هِن ويب سائيٽ تي سنڌي ٻولي جرنل جي شمارن ۾ موجود مضمونن کي تحريري شڪل ۾ به رکيو ويو آهي، هرهڪ مقالي جو انگريزيءَ ۾ تت پڻ موجود هوندو آهي، جنهن ڪري انٽرنيٽ تي موجود ڪنهن بہ سرچ انجڻ ۾ ٻوليءَ تي ٻڌل مواد جِي ڳولا جي نتيجن ۾ هِي ويب سائيٽ بہ نظر ايندي آهي.

هن ويب سائيٽ ۾ هر هڪ مقالو  پي.ڊي.ايف ۾ به رکيو ويندو آهي. اهي مقالا ڊائون لوڊ پڻ ڪري سگهجن ٿا.



# سنڌي ويب ڪيبورڊ

سنڌي ورچوئل، ويب، ونڊوز ۽ مئڪنٽاش ڪيبورڊ ۾ اداري جي هٿ اکرن تي ٻڌل فانٽ ناهي متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪمپوزنگ دؤران پيش ايندڙ فني مسئلن کي حل ڪيو ويو آهي. ويب ڪيبورڊ ذريعي بغير سنڌي ڪيبورڊ انسٽاليشن جي سنڌيءَ ۾ لکي سگهجي ٿو.

هن ڪيبورڊ ۾ گوگل جي ترجميڪار واري اي.پِي.آءِ شامل ڪئي وئي آهي ته جيئن لکيل مواد کي أتي جو أتي 'گوگل ترجميڪار' جي سٽ ۾ شامل ٻولين مان ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي. ساڳئي وقت لکيل مواد کي هڪ ڪِلڪ سان گوگل ۽ يوٽيوب جي ڳولا واري خاني ۾ آڻي، گهُربل نتيجا معلوم ڪري سگهجن ٿا. ان کان علاوه لکيل مواد کي واٽس اپ، ٽوئيٽر ۽ فيس بڪ تي أتان ئي ونڊ ڪري سگهجي ٿو.

هِن ويب سائيٽ ۾ ايپل ۽ ونڊوز آپريٽنگ سسٽم ۾ آفلائين استعمال ڪرڻ لاءِ الڳ ڪيبورڊ جا فائيل، انسٽال ڪرڻ جي طريقيڪار سميت رکيا ويا آهن، جيڪي پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.



# آن لائين لائبرري

اداري جي ڇپيل ۽ ڊجيٽل ڪتابن جي ’ورچُوئل لائبريري‘ جي ويب سائيٽ تي لسانيات، سنڌو لکت، ادب، لطيفيات، سائنسي ۽ معلوماتي ڪتاب رکيل آهن. هِن ويب سائيٽ ۾ ناياب ڪتاب ۽ تحقيقي جرنل پڻ رکيا ويا آهن. ڪتابن کي يونيڪوڊ جي بنياد تي تحريري صورت ۾ رکيو ويو آهي ته جيئن محقق حوالي طور ڪنهن بہ ڪتاب جي متن کي پنهنجي تحقيق ۾ شامل ڪري سگهن.


’سنڌي ورچوئل لائبرري‘ ۾ اداري ۾ قائم ڪيل غلام مصطفيٰ قاسمي لائبرريءَ ۾ موجود ڪتابن جو ڪئٽلاگ پڻ رکيو ويو آهي.



# ٻارن لاءِ ويب پورٽل

هن پورٽل تي سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي جي اسڪولن ۾ شاگردن لاءِ سنڌي درسي ڪتابن جا نظم ۽ گيت رڪيا ويا آهن، جن جي موسيقي ميان نذر حسين ۽ ذوالفقار علي ترتيب ڏني آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ٻاران سنڌ جي اسڪولي ٻارن لاءِ تيار ڪيل هِن ويب سائيٽ ۾ پهرئين ڪان پنجين ڪلاس جي سنڌي درسي ڪتابن ۾ شامل ٻاراڻن ٻولن، گيتن ۽ نظمن کي خوبصورت سُرن ۽ آوازن ۾ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻار نه صرف اُنهن کي ٻُڌي ياد ڪن، پر سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن پيارن ٻولن کي عام ماڻهن ۾ به مقبوليت ملي سگهي.


هِن ويب سائيٽ کي موبائل تي پڻ آسانيءَ سان هلائي سگهجي ٿو.



# سنڌي ٽرانسليٽريشن

ڪنهن ٻه ٻوليءَ کي هڪ لپيءَ کان ٻي لپيءَ ۾ منتقل ڪرڻ ۽ پڙهڻ واري عمل کي ’ٽرانسلٽريشن‘ چيو ويندو آهي، يعني هڪ ئي ٻولي ٻن لپين يا صورتخطين لکڻ، جنهن سان لفظ جِي معنيٰ ۽ آواز نه بدلجي ۽ آسانيءَ سان ٻوليءَ جا لفظ اُچاري سگهجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اداري پاران اهڙي ويب سائيٽ ’سنڌي ٽرانسليٽريشن‘ نالي سان ٺاهيل آهي، جنهن ۾ مَتن کي سنڌيءَ کان ديوناگري، رومن ۽ اردو لپيءَ ۾ مَٽائي سگهجي ٿو.

هِن ويب اپليڪيشن ۾ لفظن کان سواءِ اکرن کي ٻه اُلٽو ڪري سگهڻ جي صلاحيت موجود آهي. سنڌي ٻوليءَ جِي هِن پهرين ۽ منفرد ٽرانسليٽريشن جي ويب سائيٽ مان هيستائين لکين ماڻهون فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.



# اسڪولي لسانيات

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل ڪتاب ’اسڪولي لسانيات‘ جي ائنڊرائيڊ ايپليڪيشن تيار ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ڇپيل ڪتاب ۾ موجود سبقن جي فهرست تان ڪنهن بہ سبق کي آسانيءَ سان پڙهي سگهن ٿا، ان ڪان سواءِ ڪُلنڊڙ ڪتاب جي پني کي ويجهو (zoom) ڪري پڻ ڏسي سگهبو. ايپليڪيشن تمام گهٽ ميموري والاريندڙ آهي ۽ بنا انٽرنيٽ جي هلي ٿي، جيڪا گوگل پلي اسٽور تي رکيل آهي.



# سنڌي لغات ائنڊرائيڊ ايپ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ’سنڌي انفرميٽڪس‘ شعبي سمورين لغتن جي هڪ جامع ۽ گڏيل ايپليڪيشن تيار ڪئي آهي، جنهن ۾ شامل ڪجهه خاص نُڪتا هيٺينءَ ريت آهن:

- سوا ٻه لک لفظن جو جامع لفظي ذخيرو، جنهن ۾ سنڌي، انگريزي ۽ سرائڪي لفظ شامل آهن.
- صرف60 ميگابائٽ ۾ انسٽال ٿيندڙ ۽ تمام ٿوري جاءِ والاريندڙ آهي.
- لفظن کي سنڌيءَ ۾ يا انگريزيءَ ۾ آسانيءَ سان ڳولي يا پڙهي سگهجي ٿو.
- ايپليڪيشن ۾ موجود اکرن جي سائيز کي سيٽنگ مان پنهنجي مرضيءَ مُطابق رَکِي سگهجي ٿو.
- هن ايپليڪيشن کي دُنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ مان هڪ ڀيرو انسٽال ڪري، انٽرنيٽ کان سواءِ به هلائي سگهجي ٿو.
- ايپليڪيشن جي جامع ڳولا واري صفحي ۾ هدايتون پڻ ڏنل آهن، جن تي عمل ڪندي ڳولا کي اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو.
- لغتن ۾ موجود ڪنهن به لفظ کي پسنديده لفظن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.
- هڪ ئي وقت سمورين لغتن مان يا هرهڪ لغت مان ڌار ڌار ڳولا پڻ ڪري سگهجي ٿِي.

هن ايپليڪيشن ۾ ڏينهن ۽ رات لاءِ ڌار ڌار رنگَ ڪتب آندل آهن، پنهنجيءَ پسند جو ڪوبه رنگ رَکِي سگهجي ٿو.


انٽرنيٽ تي (برائوزر ۾) ڪنهن به مضمون کي پڙهندي. جيڪڏهن ڪنهن به انگريزي يا سنڌي لفظ جي معنيٰ ڪڍڻي هُجي ته ايپليڪيشن کولڻ کان سواءِ ئي آسانيءَ سان ڳولا ڪري سگهجي ٿي.

لغتن ۾ موجود انگريزيءَ ۾ لکيل لفظن کي آواز وسيلي پڻ ڳولي سگهجي ٿو.

هِن لغت جي خاصيتن ۽ استعمال جي طريقيڪار کي سمجهاڻي طور اداري جي آفيشل ويب سائيٽ تي پڻ رکيو ويو آهي.

# سُئيفٽ ڪي ڪيبورڊ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2016ع ۾ سُئيفٽ ڪي ڪيبورڊ وارن سان لکپڙھ ڪري، سمارٽ فونن جي جڳ مشهور ۽ ڪامياب ترين ’ڪيبورڊ‘ ٺاهڻ واري ڪمپني ’سُئيفٽ ڪِي ڪيبورڊ‘ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪرايو ويو، جنهن جي بنيادي انگ اکر ۾ شاھ جو رسالو، عالمن، اديبن ۽ مختلف وڏن ادارن جا نالا، ڪچهريءَ ۾ ڳالهايا ويندڙ لفظ، دعا سلام ۽ اِسمن توڙي فعلن کي شامل ڪيو ويو. هِن ڪيبورڊ جي بنيادي ڊيٽا ۾ واڌارا سُڌارا پڻ آندا ويا، جنهن کي پوءِ گوگل جي مشهور ڪيبورڊ ’جِي بورڊ‘ پڻ ڪيبورڊ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ڊيٽابيس طور ڪم آندو.




# سنڌي جي سکيا - ديوناگري

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل ڪتاب ’سنڌيءَ جي سکيا- ديوناگري‘ جي ائنڊرائيڊ ايپليڪيشن تيار ڪري پلي اسٽور تي رکي وئي آهي. هيءَ ايپليڪيشن بنا انٽرنيٽ ڪنيڪشن تي هلندڙ ۽ تمام گهٽ ميموري والاريندڙ ايپليڪيشن آهي. هِيءَ ڪتاب جي ايپليڪشن آهي، جنهن ۾ اردو ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ جي سکيا بيان ڪئي وئي آهي.




# سنڌي لغتون ايڪسٽينشن

اداري پاران جوڙايل گوگل ڪروم جِي هن ايڪسٽينشن ذريعي ’گوگل ڪِروم برائوزر‘ تي اخبار يا ڪوبه مضمون پڙهندي، انگريزي توڙي سنڌي لفظ جِي هڪ ڪِلڪ ذريعي معنيٰ ڳولي سگهجي ٿي. هِن ايڪسٽينشن ۾ اداري جي ’آن لائن لغتون‘ پورٽل جِي اي.پي.آءِ شامل ڪئي وئي آهي، جنهن سان لُغتن جي ويب سائيٽ کولڻ کان سواءِ گهُربل لفظ جي معنيٰ معلوم ڪري سگهجي ٿِي.




# اداري جو يوٽيوب چئنل

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪرايل مختلف قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسون سيمينار، ميڙاڪا، سڪيا ورڪشاپ ۽ ادبي توڙي سگهُڙ ڪچهريون وڊيو جي صورت ۾ اداري جي يوٽيوب چئنل تي رکيون ويون آهن. سيني وڊيوز کي پلي لسٽ ذريعي الڳ الڳ موضوع وار رکيو ويو آهي. سيني وڊيوز کي ايچ.ڊِي فارميٽ ۾ رکيو ويو آهي.



# اداري جو فيس بڪ پيج

اداري ۾ ٿيندڙ سرگرمين، تقريبن ۽ ميڙاڪن ڪي لائيوَ ڏيڪارڻ لاءِ اداري جو فيسبڪ پيج پڻ جوڙيل آهي. هِن پيج ذريعي ماڻهن ڪي اداري ۾ ٿيندڙ سرگرمين ڪان باخبر رکيو وڃي ٿو ۽ پڻ اداري جي ڪنهن بہ پورٽل بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ پيغامن جا جواب ڏنا وڃن ٿا.



# اداري جو ٽوئيٽر اڪائونٽ

سوشل ميڊيا جي وڏي ويب سائيٽ ٽوئيٽر يا ايڪس تي پڻ اداري جو اڪائونٽ ٺاهيو ويو آهي، جنهن تي اداري ۾ ٿيندڙ سرگرمين ۽ تقريبن بابت معلومات رکي ويندي آهي.



# سنڌي ٻولي جاڳرتا مُهم

جاڳرتا مهم هلائڻ جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جي وارثن کي پنهنجي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت کان اجاگر ڪرڻ آهي، جاڳرتا مهم ذريعي شهرن، ٻهراڙين، تعليمي ادارن، بازارن، استادن، شاگردن کان ويندي عام سنڌي تائين پنهنجي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت جي آگاهي ڏيڻ ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي روزاني جي ڪاروهنوار ۾ استعمال ڪرڻ جو پيغام ڏيڻ آهي. اداري پاران شروع ڪيل سنڌي ٻوليءَ جاڳرتا مهم سنڌ ۾ نئون احساس ۽ تحرڪ پيدا ڪيو، علمي ادبي ادارن، تنظيمن ۽ عام ماڻهن ٻوليءَ جي اهميت ۽ حيثيت وڌائڻ لاءِ هن مهم کي ڀرپور موٽ ڏني.



# مهرباني

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

22-9240050-53 Fax: 22-9240051
Email: contact@sindhila.edu.pk